ڏ
181

رٻ بٻبي

•-٢-•

ڏ ڀلاڳي

JAI VEER

رڍ ٻيٻي

(مسٽر نور احمد سومرو چڪ آباد جو بيان ڪيل سچو قصو)

رات جو چلهه تي ٻت گرم ڪندي ٻهر ٻرستي ۽ انجي مثالن بنسبت گرما گرم بحث ٿي رهيو هو ته دوران گفتگو ۾ منهنجي مامي مونکي چيو ته "تو زنده ستيون، مرده ستيون ۽ وغيره وغيره ستيون گهڻيئي ڏٺيون ٻڌيون هونديون، مگر ڪڏهين "سٽي رڍ" به ٻڌءِ؟"

منهنجو وات عجب وچان ڦاٽي ويو؛ سوچڻ لڳس، زالون ته ستيون ٿي سگهن ٿيون پر جانورن جو ستي ٿيڻ چه معنيٰ دارد!! تنهنڪري سمجهيم ته يقيناً مامو سائين مونسان مذاق ڪيلي رهيو آهي. مون بي اعتباري جي لهجه وچان چيو مانس "شايد چرچو ٿا ڪريو!"

"نه، نه، چرچي جي ڪابه ڳالهه ڪانهي، صبوح جو انشاءَ الله توکي انجي زيارت ڪرائبي." سنجيده لهجه ۾ جواب مليو.

(٢)

صبوح تائين انتظار جون گهڙيون ڪاٽيندي فجر جي نماز بعد نيرالو ستي رڍ شريف جي زيارت لاءِ ٻهرين پنڌ پياسون.

ستي رڍ چانديڻ جي ڳوٺ نزديڪ آستہ محمد (بلوچستان) ۾ آهي.

جان ٿي ريدار صاحب مون شهري کي پنهنجي ڳوٺائي مامي مان ايندو ڏٺو تئين سمجهائين ته اڄ وڏي مڇي ڦاٿي آهي.

"السلام عليڪم" مامي مائين چيو "عليڪم سلام" ريدار جواب ڏنو ۽ خوشامدانه لوع ۾ مرڪي ٻولي ۾ خوش خير عافيت ڪئي. ڳوٺائي بلوچي رواج موجب جيستائين هو پاڻ ۾ حال احوال ڏيندا وٺندا رهيا تيستائين منهنجو شوق زيارت وجهي ڏڪري ۾ ڏڪري وڌندو. آخر پاڻ جهلي نه سگهيس ۽ بيتابانه چيم "ڀيو، هاڻي سٽي ردِ ته ڏيکاريو."

سٽي ردِ جي مجاور (ريدار) پنهنجي اميد بر آمد ٿيندي ڏسي مرڪي ٻولي ۾ فرمايو، "هلو، هلو، ڏيکاريون. هلو ديدار ته ڪريو. ڏاڍي ڀلاري سٽي آهي. سڀني جي مرادان پڄايان هنس، توهان ڏي به ڪا مراد هجي ته سٽي مائي کان مڱو!!."

سٽي مائي کي ڏسي پهرين نگاهه ۾ ته مونکي دهشت وٺي ويئي. ردِ نه هئي پر عربستان جي جهوني زماني جو ڪاهن هو. گردن ۾ ننڍين وڏين ٽلين جون بي انداز مالهائون ڪاهن جي ڪچي ۾ پيل هڏين جي مالهائن وانگر ڏيکاري ڏيئي رهيون هيون. بدن تي ڪاڻا ۽ واڏا وار قبيلا جي حبشين جي وارن جي ياد تازي ڪري رهيا هئا. سندس رعب اڄڪلهه جي پيرن کان ڪنهن به

حالت ۾ ڪيت نه هو. اسانجي اچڻ تي هن سيڻاوان واڪر. اڪر ستي ڪٿي نه نهاريو.

(٣)

زميندار موجوده مجاورن جي منت موجب اسان کي ستي مائي جي رعب وهارڻ لاءِ پوري عقيدتمندي سان ڪيس ٽڪوڙيو ۽ ان ٿڻ ڪري چيائين "مائي ستي آس وارن دي آس پڄاوين. الله دي پياري هئين."

مون پڇيو ته آخر هيءَ ستي ڪيئن ٿي. زميندار منهنجي منڪرانه سوال تي ٿورڙو تيز ٿي مونکي سمجهايو "اين ستي رڍ ڏيان سن ڏوجهيان رڍان پنج پنج، ڇهه ڇهه ٿڻ جڻ پيئيان هن، پر مائي ستي اچا ستي هئي. ڏڻ وڃ ٿي ڏوجهين رڍن ڪنون جدا جدا ترڊي اردي هئي، فڪر ذڪر وچ محو هوندي هئي- تر ڳهئين دي ڪول ۽ نهين وينندي، پچا، مونن ديان مرادان پجايان هنس. مراد پوري ڪرڻ دي عيوض هڪ ٽلي منگدي هي. الله دي پياري اسان ڪون ٻي ڪجهه نذر ڏي ويندي هن- ستي مائي دي ڳاهه پٽي دي واسطي"

مون پڇيو مانس ته وار چو نٿا ڪتريوس؟ ته چيائين، "پچا! مائي دي وال ڪون ڪتري. ڪوئي ستي هووي ته ستي دي والين ڪون هٿ لاوي. اسانڊي ڪيا مجال!!"

(٤)

ابتري ۾ ڳوٺ مان ستي مائي کان دعا پنڻ لاءِ

ٻه چار ڀيرا ٻه سوالي آيا ۽ چڱو خاصو مجموعو ٿي ويو- ڪاڻن دريافت ڪندي معلوم ٿيو ته هو رڌ شريف ڪان محض انهي ڪري مرادون ڦندا آهن جو اهي ٻوڙيون ٿينديون آهن.

مون کين سمجهائيندي چيو "اوهين پاڻ کي مسمان سڏايو ٿا، مسلمان سڏائيندي فخر ٿا وٺو پر مسلماني جي نالي تي هڪ بد نما داغ ٿا لڳايو — اوهان ڪلمو پاڪ پڙهو ٿا پر سندس معنيٰ کان نا آشنا آهيو. ڪلمه مقدس اسانکي سيکاري ٿو ۽ وڏي واڪي سان چوي ٿو ته اي مسلمانو اوهان هڪ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان به مطلب مرادون نه گهرو. جنهن وقت اسان ڪلمه لااله الاالله چئون ٿا ان وقت اسان انجار ٿا ڪريون ته اي اسان جا پاڪ الله توکان سواءِ اسان جو ڪوبه والي وسيلو ڪونهي، توکان سواءِ ٻيو ڪو به سڏ ٻڌندڙ ڪونه آهي، توکان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به طاقت ڪانه آهي جو مشڪل ڪشائي ڪري سگهي. بس توکان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به طاقت نه آهي جو دک درد دفع ڪري سگهي.

پوءِ اي مسلمانو! مونکي ٻڌايو ته ڪلمه پاڪ پڙهندي به ڪيئن ٿا ان کان منڪر ٿيو; ڪيئن ٿا الهي واحد القهار کي ڇڏي پين جا در ڏسو. الهي هڪ کي ٿي سڏيو. الهي هڪ کي ٿي سوال ڪريو ته اسانجون مشڪلاتون آسان ڪري اسانکي اولاد ڏئي، اسانکي رزق ۽ برڪت

وجهڻي. اهڙي جو ڪوبه شريڪ ڪونهي، ڪنهن کي به طاقت ڪانه آهي جو دکه درد لاهي سگهي. "ولم يڪن له شريڪ في الملڪ" (ڪائنات جي شهنشاهيت ۾ هن جو ڪوبه شريڪ ڪونهي) ٻيو ڪو خسيس رڍ کي ڪهڙي مجال آهي جو اهڙي پاڪ مولي سان برميچي سگهي جنهن جو تلين (گهنڊڻين) سبب اٿڻ ئي محال آهي.

تنهنڪري اسان کي کپي ته اهڙي مٺي مالڪ، سچي خالق ڏانهن رجوع ٿيون جنهن سان هر نماز ۾ اهو عهد ٿا ڪريون ته "اياڪ نعبد واياڪ نستعين" (اي ڌڻي، خاص تنهنجي ئي عبادت ٿا ڪريون ۽ خاص توکان ئي مدد ٿا گهرون).

سوالين تي منهنجي تقرير چڱو اثر ڪيو ۽ هو توبه توبه ڪندا ہوئي موٽيا پر مجاور صاحب جي دل ۾ سو چاڻ پئسن ڪمائڻ جي حسرت رهجي ويئي ۽ رڍ ماني وڌيڪ بار ڪٿڻ کان آزاد ٿي. چوڻڪاري لاءِ ٻڌائيندا علاج؟

نوٽ:- انسان پنهنجي دماغ کي اهڙو ذليل ڪري جو خسيس جانور کان وڃي مقصد مرادون ٿئي، اهڙي جهو علاج اهي کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونهي ته "ڪيتپارجي ٻڪر" واري افسانه والگر ڪو مرد مجاهد همت ڪري اهڙي شرڪ ۽ ذلت جو خاتمو ڪري.

"ستي رڍ" جهو افسالو ڪو اڪيلو مثال نه آهي اسان مسلمانن ۾ ڪيترائي اهڙا شخص پيا آهن جو خدا پاڪ جو

در چڙهي پڪڙ بغد قسمين قسمين ٽوڪين جي ٽر چڙهن ٿا، وڻن، ڏڪن، قبرن ۽ آستانن جي پوڄا ڪن ٿا. سچ فرمايو آهي رب پاڪ ڪلام مجيد ۾ ته:-

ومن يشرك بالله فكانما خر من السماء فتخطفه الطير او تهوي به الريح في مكان سحيق

(جنهن شخص الله پاڪ جا ٻيا ڀائيوار بڻايا سو ڄڻ ته آسمان مان ڪريو پوءِ يا ته پکيون ذرا ذرا ڪري کڻي ويس يا هوا کڻي وڃي ڪنهن ڏورانهين هنڌ اڇليس)

هي سڀ نتيجا آهن لااله الا الله کان منهن موڙڻ جا ۽ سچ ته انهي جا جوابدار انهن جا ڪيترائي علم وارا ۽ صوفي به آهن جي ماڻهن کي اول اوليائن انبيائن کان ڪن ورن وڪڙن سان سوال ڪرڻ جي اجازت ڏين، پوءِ اهي ماڻهو قرآن شريف جي ذليل مثال وانگر هيڪر الله پاڪ جي در بان ٿڙن ته پوءِ اڳتي هلي انبيائن اوليائن کي سوال ڪندي وڃيو وڃن ۽ ڏورن کي به سوال ڪن ٿا!

اخبار عبرت

هن اخبار ۾ روزانه تازيون خبرون، موجوده حالات تي نوٽ، وقتاً فوقتاً مست جا لڪيل ۽ مذاق گل ڦل، قرآن شريف جي معنيٰ سنڌي بيتن ۾، عمدا افسانا، ۽ دلچسپ تاريخي ناول شايع ٿين ٿا. هي ڪتاب جو اوهان جي هٿن ۾ آهي سو ۽ اول انهي اخبار ذريعي شايع ٿيو هو.

اخبار جو چندو سالانه ويهه روپيه

ششماهي ساڍا ڏهه روپيه

ٽه ماهي ساڍا پنج روپيه

هڪ مهني لاءِ ٻه روپيه

چندو مني آرڊر ڪرڻ گهرجي وي پي رستي خواه مخواه پنج آنه وڌيڪ پوندا.

سرنامو هيترو لکڻ ڪافي آهي:-

اسلاميه دارالاشاعت

حيدرآباد سنڌ

Printed & Published by Md. Usman Diplai
at the Islamia Press west Cutcha, Hyderabad Sd.